© rasailojaraid.com



# حضرت نبي پاڪ ﷺ جو دستور حيات

پروفيسر ڊاڪٽر محمد ادريس "آزاد" ✽

سڪندر اعظم، نيولين ۽ هٽلر جي زندگي صرف سپه سالاريءَ تائين محدود رهي، گوتم ٻڌ جي زندگي رياضت ۽ عبادت تي ئي مشتمل رهي، هومر شاعر ۽ قصہ گو نظر آيو، افلاطون ۽ ارسطو صرف حڪيم ۽ فلسفيءَ جي حيثيت سان اُڀريا مگر پاڻ سڳورن ﷺ جن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هر حوالي سان ڪامل، اڪمل ۽ مڪمل نمونو پيش ڪيو. جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد رباني آهي ته:

لقد کان لکم في رسول الله اسوة حسنة(۱)

ترجمو هن طرح آهي ته: تحقيق توهان جي لاءِ حضرت رسول الله جي هستيءَ ۾ بهترين نمونو آهي. مذڪوره آيت جي حوالي سان مڃڻو پوندو ته سموري ڪائنات ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي هستيءَ مبارڪ کان مٿي ڪوبہ شخص ڪونهي ۽ نہ وري ان منزل، مقام ۽ منصب تي ڪو ٻيو شخص پهچي سگهي ٿو.

فرانس جو ناميارو اديب "ليمرٽين" لکي ٿو ته: (۲)

"تمام وڏو مفڪر، بلند پائي جو خطيب پيغمبر ﷺ قانون ساز، سپہ سالار، تصور ۽ مقصدن جو فاتح، صحيح نظرئي حيات جي عليٰ وجه البصيرة قائم ڪرڻ جو ذميدار، ان نظام جو باني جنهن ۾ باطل خدا ذهنن ۾ بہ جاءِ والاري نہ سگهن. دنياوي حڪومتن ۽ ان ڪان مٿي هڪ آسماني بادشاهي جو باني هي



© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



تي راضي رهي ۽ سمورا ايمان وارا ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ اُٿندا ۽ ان کان سواءِ انهن کي ٻي ڪابه شي جائز نه هوندي.

۲۰- ۽ ڪنهن به ايمان واري لاءِ جيڪو ان دستور العمل (صحيفه) جي مندرجات (جي تعميل) جو اقرار ڪري چڪو آهي ۽ خدا ۽ قيامت ڏينهن تي ايمان آڻي چڪو آهي ته اها ڳالهه جائز نه هوندي جو ڪنهن به قاتل کي مدد يا پناهه ڏئي ۽ جيڪو ان کي مدد يا پناهه ڏيندو ته قيامت جي ڏينهن ان تي خدا جي لعنت ۽ غضب نازل ٿيندو ۽ ان کان ڪائي رقم يا معاوضو قبول نه هوندو.

۲۱- ۽ هي ته جڏهن به توهان ۾ ڪنهن به شي متعلق ڪو اختلاف ٿي پوي ته ان کي خدا ۽ محمدﷺ ڏانهن رجوع ڪيو ويندو.

۲۲- ۽ يهودي ان وقت تائين مومنن سان گڏ اخراجات برداشت ڪندا رهندا جيستائين هو ملي ڪري جنگ ڪندا رهندا.

۲۳- ۽ بني عوف جا يهودي مومنن سان گڏ هڪ سياسي وحدت (يا امت) تسليم ڪيا وڃن ٿا. يهودين کي انهن جو دين ۽ مسلمانن کي انهن جو دين. موالي هجن ته اصل. ها جيڪو ظلم يا عهد شڪني جو ارتڪاب ڪري ته ان جي ذات يا گهراڻي کان سواءِ ڪوبه مصيبت ۾ نه پوندو.

۲۴- ۽ بني نجار جي يهودين کي به اهو ئي حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي هوندو.

۲۵- ۽ بني حارث جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي هوندو.

۲۶- ۽ بني ساعده جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

۲۷- ۽ بني جشم جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



۲۸- ۽ بني الاوس جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو.

۲۹- ۽ بني ثعلبه جي يهودين کي به اهو حق حاصل هوندو جيڪو حق بني عوف جي يهودين کي حاصل هوندو. ها جيڪو ظلم يا عهد شڪني ڪندو ته خود ان جي ذات يا گهراڻي کان سواءِ ٻيو ڪوبه ان مصيبت ۾ نه پوندو.

۳۰- ۽ جفنه کي به جيڪو قبيلهٔ ثعلبه جي شاخ آهي. اهي ئي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي هوندا.

۳۱- ۽ بني شطيبه کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي حق بني عوف جي يهودين کي. ۽ وفاشعاري هجي نه کي عهد شڪني.

۳۲- ۽ ثعلبه جي موالي کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي.

۳۳- ۽ يهودين جي (قبيلن) ذيلي شاخن کي به اهي حق حاصل هوندا جيڪي اصل کي.

۳۴- (الف) ۽ اهو ته انهن منجهان محمدﷺ جي اجازت کان سواءِ ڪوبه (فوجي ڪاروائي) لاءِ نه نڪرندو.

(ب) ۽ ڪنهن به مار، زخم جي بدلي ۾ ڪابه رڪاوٽ نه وڌي ويندي ۽ جيڪو خونريزي ڪندو ته ان جي ذات ۽ ان جو گهراڻو ذمه دار هوندو ورنه ته اهو ظلم هوندو. ۽ خدا ان سان گڏ آهي جيڪو هن (دستور العمل) جي زياده کان زياده وفاشعارانه تعميل ڪندو.

۳۵- (الف) ۽ يهودين تي ان جي خرچ جو بار هوندو ۽ مسلمانن تي انهن جي خرچ جو بار هوندو.

(ب) ۽ جيڪو هن دستور العمل وارن سان جنگ ڪندو ته انهن (يهودين ۽ مسلمانن) ۾ باهم امداد عمل ۾ ايندي. ۽ انهن ۾ باهم حسنِ مشوره ۽ ڀلائي (خير خواهي) هوندي ۽ وفاشعاري هوندي نه عهد شڪني.

© rasailojaraid.com

© rasailojaraid.com



۴۳۔ ۽ (قبيلہ) الاوس جي يهودين کي موالي هجن يا اصل اهي ئي حق حاصل هوندا جيڪي حق هن دستور وارن کي. ۽ اهي به هن دستور وارن سان خالص ۽ وفاشعاري جو سلوڪ قائم رکندا ۽ وفاشعاري هوندي نہ عهد شڪني. جيڪو جهڙي ڪندو تہ اهڙي ئي پوکيندو ۽ خدا ان سان گڏ آهي جيڪو ان دستور جي مندرجات جي زياده کان زياده صداقت ۽ زياده کان زياده وفاشعاري رکي تعميل ڪندو.

۴۴۔ ۽ هي حڪمنامو ڪنهن به ظالم يا عهد شڪن جي آڙ ۾ نہ ايندو ۽ جيڪو جنگ لاءِ نڪرندو تہ به امن جو مستحق رهندو ورنہ تہ ظلم ۽ عهد شڪني ٿيندي ۽ خدا به ان جو نگهبان آهي جيڪو وفاشعاري ۽ احتياط (سان تعميل عهد) ڪندو ۽ الله حہ رسول محمدؐ به جنهن تي خدا جي نگاهہ ۽ سلامتي آهي.

پاڻ ڪريمنﷺ جي ڏنل دستور حيات متعلق مسٽر فيتل "لائف آف هولي محمدؐ" ۾ لکي ٿو تہ: (۸)

> "محمدﷺ هڪ اهڙو بهترين ۽ سياسي قانون دنيا جي سامهون پيش ڪيو جيڪو صدين کان وٺي مختلف قومن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪندو آيو آهي. سچ تہ هي آهي تہ اهو سندس هڪ معجزاتو ڪرشمو آهي جنهن وڏن وڏن فاتحن ۽ مذهبي اڳواڻن کي هيٺ ڪري ڏيکاريو."

## حوالا:


(۱) قرآن مجيد: پاره: ۲۱، سورت الاحزاب، آيت: ۲۱

(۲) محمد رمضان ڦلپوٽو، مولانا: پيارو پيغمبرﷺ پراون جي نظر ۾، مدرسہ عربيہ مظهر العلوم حماديہ، کهڙا، گمبٽ، ضلع خيرپور ميرس، ۱۹۹۳ع، ص: ۲۶۱ تا ۳۶۲


© rasailojaraid.com

